# الفتويٰ انٽرنيشنل

# AL-FATWA International

شمارو نمبر ①

باني ۽ نگران اعليٰ: سيد عبدالحفيظ شاھ. مرتب: ڊاڪٽر راشد علي

تاريخ:-





بالتعاون ۔ مجلسِ منہاس
تحریک فہم القرآن
مکان نمبر 34 گلی نمبر 4
شالیمار ایف سکس ٹمری ما اسلام آباد


اينٽي احمديہ مووومينٽ ان اسلام

ڊاڪٽر راشد علي ص ب ١١٥٦٠ - دبا الفجيره الامارات العربيہ المتحده

بِسمِ اللهِ الرَحمٰنِ الرَحيم

مانوارؤ:                السلام عليكم وَ رحمة الله وَبركاتهُ

● الفتويٰ جي ٻهرين سنڌي اشاعت اوهان آڏو آهي ۽ اميد ته بغور مُطالعو ڪرڻ فرمائيندا. ڇاڪاڻ ته قاديانيت جهڙو وبائي مرض مسلمانن لاءِ هڪ ناسور جو روپ ڌاري چڪو آهي ۽ اهو هڪ اهڙو ته خطرناڪ فتنو بڻجي ويو آهي، جيڪو اسلام دشمن قوتن جي ڏِڏَ تي پاڪستاني مسلمانن لاءِ خاص طور ۽ دنيائي سطح تي عام طرح سان هڪ رانديڪي مثل پنجو حربو بڻيل آهي ۽ انهن جو سمورين وفادارين توڙي دوستانه ڳانڍاپو ڪافرن سان آهي. جڏهن ته دنيا جي سيني عالم سڳورن طرفان ڏنل فتويٰ موجب قادياني پيروڪار مسلم امت مان خارج ٿي چڪا آهن. تنهنڪري اهي هاڻ پنهنجي "احمديه ٿي وي" ذريعي پاڻ کي ڪيترو ئي مسلمان چو نه سڏائين يا غير مسلم طاقتن طرفان سندن اسلام جو يقين به ڏياريو وڃي پر ان هوندي به هو قطعي مسلمان نٿا ٿي سگهن ۽ نه ئي اسلام جي دائري ۾ پير پائي سگهن ٿا.... جيڪو اصل ۾ الله طرفان انهن تي وڏي لعنت ۽ قهر الاهي لٿل آهي. جن جو مثال به اهڙو ئي آهي، جيئن ڪنهن کي ڪو ڊاڪٽر يا حڪيم ڪدڙو قرار ڏيئي ڇڏي ۽ هو پنهنجي مردانگيءَ جي بحاليءَ لاءِ ڪيترائي هٿ پير هڻي يا پاڻ کي مرد بنائڻ جو ڍونگ رچائي، پر ڪيس هر حالت ۾ منهن تي لپاٽ جيان بدنصيبي سامهون ايندي. اهڙي ريت جيئن ان مان مڙسي ڪسجي ويئي تيئن قاديانين مان پڻ الله رب العزت ايماني قوت ڦري ورتي آهي.

اسان جي هن رسالي جي اشاعت جو بنيادي مقصد ئي اهو آهي ته احمديه جماعت جي باني مرزا غلام احمد قاديانيءَ جي غليظ فڪر ۽ گندي عقيدي جي حوالي سان سندس اصل روُپ کي ماڻهن آڏو پڌرو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ ته اهي اهڙيون حقيقتون آهن، جن کان مسلمان ته ٺهيو پر اڪثر قادياني به اڻڄاڻ آهن.

مرزا غلام احمد قادياني هڪ اهڙي قسم جي نبوت جو دعويدار هيو، جيڪو اشتهار بازيءَ جو جنوني حد تائين شوقين مڙس هيو ۽ انهن ذريعي پنهنجي مخالفن کي نوٽيس ڏيارڻ، ڪين تي لعنت ملامت ڪرڻ، ڊيڄارڻ ڌمڪائڻ ۽ اِخبارن ۾ پنهنجون اڳڪٿيون ڇپرائڻ کان علاوه سندس گهر جي توسيع ڪرڻ، ٻين اجائين ضرورتن جي پورائيءَ ۽ پٽي وغيره جي وصوليابيءَ لاءِ اپيلون ڪرڻ پڻ سندس روز مره جي روٽين ۾ داخل هو. جڏهن ته سندس ان اشتهار بازيءَ جي نتيجي طور ڪيس عدالت آڏو جيڪو اقرار نامون داخل ڪرڻو پيو، نيٺ اهو ئي دستاويز سندس جي ذلت ۽ خواريءَ جو ڪارڻ بڻيو.

## مرزا غلام احمد قاديانيءَ جو عهد نامون

●مان مرزا غلام احمد قادياني، خداوند تعاليٰ جي آڏو پنهنجي ۽ پوري هوش حواس سان اهو عهد ڪران ٿو ته آئنده:

1- "مان اهڙيون پيشنگوئيون ڪرڻ کان پرهيز ڪندس، جنهن جي اها معنيٰ هجي يا اهڙو مطلب ورتو وڃي ته ڪو شخص (جيڪو مسلمان هجي يا هندو يا ڪِ عيسائي) جنهن جي ذلت ٿيندي هجي يا هو عذاب الاهيءَ ۾ گهَربل ڇاٽايل هجي."

2- "مان خدا آڏو ڪنهن شخص کي ذليل ڪرڻ يا مٿس عذاب الاهيءَ ۾ مبتلا هجڻ متعلق نشاني ظاهر ڪرڻ ته آيا مذهبي مباحثي ۾ ڪير سچو ۽ ڪير ڪوڙو آهي، واسطي اپيل يا گذارش ڪرڻ کان پڻ لنوائڻ جي ڪوشش ڪندس."

3- "مان ڪنهن ڳالهه کي الهام ڄاڻائي شائع ڪرائڻ کان پڻ لنوائيندس، جنهن جي اها مراد هجي يا اهڙوني مطلب ڪڍڻ جو معقول سبب موجود هجي ته فلاڻو ماڻهو(جيڪو مسلمان هجي يا هندو يا ڪِ عيسائي وغيره) ذليل ٿيندو يا عذابِ الاهيءَ ۾ مبتلا رهندو."

4- "جيتريقدر منهنجي اختيار ۾ آهي ته مان پنهنجي انهن سيني زير اثر پيروڪارن کي پڻ اها ئي هدايت ڪندس ته هو به ساڳئي طريقه ڪار تي عمل پيرا رهن، جيئن مون قلم 1 کان 4 مطابق پاڻ کي به ان تي قائم رکڻ جو پابند بڻايو آهي.

بندو مرزا غلام احمد

گواهه:خواجه ڪمال الدين (بي اي ايل ايل بي)

صحيح: جي ايم ڊوئي (ڊسٽرڪٽ منجسٽريٽ گواد اسپور)

۲۴- فيبروري ۱۸۹۹ع

نوٽ: ان تاريخ کان پوءِ مرزا قادياني خود ڪيئي ڀيرا پنهنجي انهيءَ عهد کي ٽوڙيو هو، جڏهن ته ڪجهه عرصو اڳ احمديه جماعت جي امير ۽ چوٿين خليفي مرزا طاهر احمد مباهليٰ جو چئلينج ڏيئي اهو ثابت ڪيو ته سندس بابي مرزا غلام احمد جي انهيءَ ڪيل عهد متعلق ڪيس ڪا به سڌ نه آهي ۽ نه ئي هو سندس زير اثر ۽ پيروڪار آهي.

## عالمگير فتويٰ

"جڏهن ڪنهن به شخص جو اهو عقيدو باقي نه رهي ته حضور اڪرم محمد صلي الله عليه وسلم جن آخري نبي آهن، ته اهو مسلمان ناهي ۽ جيڪڏهن اهو چوي ته مان رسول الله آهيان يا ڪٿي فارسيءَ ۾ ئي چوي ته مان پيغمبر آهيان(مراد اها ته مان پيغام پهچايان ٿو) تڏهن به اهو ڪافر ٿي وڃي ٿو."

(فتويٰ هنديه ج ۳ص ۲۶۳ مطبوعه مصر)

## مُسلم مُفتين جون فتوائون

●قاضي فياض رحه الشفاء ۾ لکن ٿا ته: "جيڪڏهن ڪو شخص اسان جي نبي صلي الله عليه وسلم جن سان گڏ يا سندن صه کان پوءِ ڪنهن شخص جي نبي هجڻ جو دعويدار هجي يا خود نبوت جي دعويٰ ڪري يا نبوت ماڻڻ جي نيت ۽ قلب جي صفائيءَ ذريعي نبوت جي رتبي تائين پهچڻ کي جائز سمجهي... ساڳي طرح سان جيڪوشخص نبوت جي دعويٰ

ڪي پاسي تي رکي اها دعويٰ ڪري ته سندس مٿان وحي نازل ٿئي ٿي ته اهي سڀئي ماڻهو ڪافر آهن. ڇاڪاڻ ته اهي آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن کي مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا. جڏهن ته حضور اڪرم صلعم جن واضح فرمايو آهي ته پاڻ خاتم النبين هجڻ سان گڏ سڀني انسانن لاءِ مبعوث فرمايل آهن ۽ سموري امت جو پڻ پڪو يقين آهي ته حضور صلعم جن جو اهو ارشاد پاڪ سچو آهي ۽ ان کي بغير ڪنهن هير ڦير جي ساڳئي مفهوم طور سمجهڻ گهرجي. تنهنڪري اهڙن انڪاري ماڻهن جي ڪافر هجڻ ۾ ڪو به شڪ شبهو نه رکڻ گهرجي ۽ قرآن و سنت ۽ فقهي طور تي پڻ انهن جو اهڙو ڪفر ثابت ٿي چڪو آهي."

هڪ هنڌ لکن ٿا ته:

"....۽ جيڪو شخص نبوت جي دعويدارن کي ڪافر ڪوٺيندڙن جي به مخالفت ڪري ته اهو پڻ ڪافر آهي."

## مرزائين جا احڪام

امام احمد رضا خان بريلوي فرمائين ٿا ته:

• قادياني مُرتد ۽ منافق آهن، ڇاڪاڻ ته مُرتد ۽ منافق اهي ٿي آهن، جيڪي اسلام جو ڪلمو اجا به پڙهي پاڻ کي مسلمان سڏائين ٿا ۽ پوءِ به الله جل جلاله يا رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم يا ڪنهن ٻئي نبيءَ جي توهين ڪن يا ڪِ دين جي رُڪن مان ڪنهن ڳالهه جا منڪر هجن.

•-قاديانيءَ جي پٺيان نماز پڙهڻ بلڪل باطل آهي.

•- قاديانيءَ کي زڪوات ڏيڻ حرام آهي ۽ جيڪڏهن ان کي ڏني وڃي ته اها ادا ڪو نه ٿيندي.

•- جيئن ته قادياني مرتد آهن، تنهنڪري انهن جو ذبح ڪيل جانور بلڪل نجس، مردار ۽ حرام هوندو.

• مسلمانن طرفان قاديانين سان ڪيل بائيڪاٽ سبب کين مظلوم سمجهڻ ۽ انهن سان ميل ميلاپ ختم ڪرڻ کي ظلم ۽ نا حق سڏڻ وارو اسلام جي دائري مان خارج آهي.

(احڪام شريعت ج ۱ ص۱۲۸-۱۳۹- ۱۷۷)

## رابطہ عالم اسلاميءَ جو نهرآءُ

•- ۱۹۷۴ع ڌاري ۱۴۴- مسلمان ملڪن جا عالم سڳورا مڪي مُعظم ۾ گڏ ٿيا ۽ انهن يڪراءِ فيصلي تحت نهراءُ منظور ڪري قاديانين کي ڪافر ڪوٺيو ۽ کين اسلام جي حدن مان خارج قرار ڏنو.

## پاڪستان سرڪار جو فيصلو

•- اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۷- سيپٽمبر ۱۹۷۴ع تي ڇهن مهينن جي ڊگهي بحث، جنهن ۾ قادياني عالمن کي سندن موقف آزادانه طور پيش ڪرڻ جي سهوليت پڻ ڏني ويئي هئي، تنهن کان پوءِ نيٺ پارليامينٽري ميمبرن جي متفق راءِ سان قاديانين کي غير مسلم اقليت قرار ڏيڻ جو تاريخي فيصلو ڪيو ويو ۽ ان مقصد لاءِ پاڪستان جي آئين ۾ جيڪا تبديلي آندي ويئي تنهن ۾:-

### آرٽيڪل نمبر ۲٦۰ تحت:-

جيڪو شخص خاتم الانبياءَ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي ختمِ نبوت تي مڪمل ايمان نٿو آڻي يا سندن کان بعد ڪنهن به انداز ۾ نبي هجڻ جي دعويٰ ڪري يا ڪنهن به اهڙي نبوت جي دعويدار يا مذهبي پيشوا تي ايمان آڻي ٿو ته اهو آئين ۽ قانون موجب مسلمان ناهي.

### آرٽيڪل نمبر ۱۰۴، ڪلاز نمبر ۳:-

صوبائي اسيمبلين ۾ بلوچستان، پنجاب، سرحد ۽ سنڌ جي ڪلاز نمبر ۱ ۾ ڏنل نشستن کان علاوه انهن اسيمبلين ۾ عيسائين، هندن، سکن، ٻڌن، پارسين ۽ قاديانين يا شيڊول ڪاسٽس جي لاءِ اضافي نشستون هونديون.

## مرزا غلام احمد قاديان جي فتويٰ

(مانوارؤ- هاڻ اوهان سمجهي ويندؤ ته مرزا موصوف پاڻ پنهنجي ئي لاءِ فيصلو صادر فرمائيندي روحاني خزائن جي جلد ۷ صفحي ۲۹۷ ۾)

لکي ٿو ته:

"مان اهو ڪيئن چاهيندس ته نبوت جي هاڪ هڻي اسلام مان خارج ٿيان ۽ وڃين ڪافرن جي جماعت سان ملان."

ٻئي طرف (جلد ۱۲ صفحي ۱۱۱ ۾) چوي ٿو ته:-

•- "تورات ۽ قرآن ۾ نبوت جوڙو ثبوت رڳو اڳڪٿين کي ئي قرار ڏنو ويو آهي."

•- "اسان جي سچ ۽ ڪوڙ کي پرکڻ لاءِ اسان جي ئي پيشنگوئين کان وڌيڪ ٻي ڪا به آزمائش نٿي ٿي سگهي".

(جلد ۵ صفحو ۲۸۸)

•- "اهو ممڪن ئي ناهي ته نبين جي پيشنگوئي ٽري وڃي."

(جلد ۱۹ صفحو ۵)

•- "ڪنهن به انسان جو سندس پيشنگوئين ۾ ڪوڙو نڪرڻ ئي سڀني خوارين کان وڌيڪ خواري آهي."

(جلد ۱۵ صفحو ۳۸۲)

هاڻ اچو ته مرزا قاديانيءَ جي قائم ڪيل مٿين معيار مطابق سندس ٽن جڳ مشهور اڳڪٿين جو جائزو وٺون، جيڪي

